# سرسو

ٻهراڙي جي ترقي ۾ اوهان جو مددگار ادارو



سنڌ رورل سپورٽ آرگنائيزيشن

چهہ ماهي

# سرسو

جنوري 2014 کان جون 2014


اهي ماڻهو جيڪي الله تي يقين رکن ٿا ۽ معاشري جي ڀلائي جا ڪم ڪن ٿا انهن لاءِ انعام آهن. (10:4)
(القرآن)

## هن شماري ۾ .............


- ايڊيٽر پاران ........................ 2
- چيف ايگزيڪيٽو آفيسر جو پيغام ................ 3
- چيئرمين جو پيغام ........................ 4
- دستڪاريءَ جي نمائش ........................ 5
- سرسو چيئرمين جناب شعيب سلطان خان جي متحرڪ ڪارڪنن سان ڳالهه ٻولهه ........................ 8
- عورت ۽ مرد جو سماج ۾ ڪردار ........................ 11
- آيل ڪريان ڪيئن ........................ 14
- روزگار جي واڌاري ۽ تحفظ وارو منصوبو (LLP) ۽ نوجوانن جو روشن مستقبل ............ 17
- گهڻ رخو هنر وڏائڻ وارو پروگرام ........................ 20
- تعليم بالغان مرڪز جو افتتاح ........................ 22
- غريب مارون لاءِ صحت جون سهوليتون ........ 24
- سرسو جي سرگرمين جو تصويري ڏيک ............ 27
- گگدام جانورن لاءِ فلاحي پروگرام ........................ 31
- تعليمي سيمينار ........................ 33
- صنفي وڇوٽي ۽ اسان جو معاشرو ........................ 35
- حصولات جي شعبي جون سرگرميون ................ 38
- بزرگن جي ڀلائي لاءِ هڪ ڏينهن جو ورڪشاپ 40
- ساٿ ۽ رهنمائي ........................ 43
- احساس پروجيڪٽ جي ڪامياب پڄاڻي ........ 45
- عورتن جو عالمي ڏينهن ........................ 47
- صحت بابت آگاهي ورڪشاپ ........................ 49
- ڪلراٺيون زمينون آباد ڪرڻ ........................ 51
- مانجهاندڙي ........................ 55



### ايڊيٽر

**سيده نازيہ شاهہ**

اسسٽنٽ جنرل مئنيجر MER
سنڌ رورل سپورٽ آرگنائيزيشن سکر.

### ايڊيٽوريل بورڊ

**نثار احمد پناهڻ**

پروگرام مئنيجر NRM
سنڌ رورل سپورٽ آرگنائيزيشن سکر.

**رخسانہ رياض علي**

سينئر پروگرام مئنيجر O&D
سنڌ رورل سپورٽ آرگنائيزيشن سکر.

**زبير سومرو**

پروگرام مئنيجر VTP
سنڌ رورل سپورٽ آرگنائيزيشن سکر.

**بخت علي ابڙو**

سينئر پروگرام آفيسر MER
سنڌ رورل سپورٽ آرگنائيزيشن سکر



رابطي لاءِ ڏس پتو

**مانيٽرنگ ايويليشن ۽ ريسرچ يونٽ**

سرسو ڪمپليڪس ويجهو تاج پيٽرول پمپ
شڪارپور روڊ سکر.
ويب سائيٽ www.srso.org.pk



رابطي لاءِ آفيس

**سنڌ رورل سپورٽ آرگنائيزيشن (SRSO)**

سرسو ڪمپليڪس - ويجهو تاج پيٽرول پمپ، شڪارپور روڊ سکر.

# ايڊيٽر پاران

خدا جي ناهيل هن ڪائنات جي خوبصورتيءَ جو ڪو انت ناهي پر جڏهن اسان جي نظر رب پاڪ جي هڪ عاليشان تخليق "انسان" تي پوي ٿي ته عقل به دنگ رهجيو وڃي. انساني سماج جي هزارن سالن جي تاريخ جا ورق عجيب و غريب ۽ حيرت ۾ وجهندڙ ڪارنامن سان ڀريل آهن. پهاڙن جي غارن ۾ رهندڙ انسان ان وقت پنهنجي عقل کي استعمال ڪندي پهاڙن مان مختلف ڌاتو ڪڍي انهن مان اوزار ناهي پيٽ ساهدارن کان پاڻ کي وڌيڪ مضبوط ۽ پختو ڪيو. ڌاتن جي اها کوجنا انساني تاريخ جي ترقيءَ واري راهه جو پهريون سنگِ ميل هو ۽ ڪنهن کي خبر ته پهاڙن مان نڪري ميداني زندگيءَ ۾ زراعت جا بنياد وجهندڙ اهو ئي انسان صنعتي ترقيءَ جي ڦيٽي تي هسوار ٿي خدا جي جوڙيل ڪائنات جي مختلف ڪهڪشائن کي تسخير ڪندي پنهنجي سماجي ۽ ذاتي زندگيءَ جي دائرن کي سموري دنيا سان هٿن جي هڪ ملڪڙي ڇهاءَ سان جوڙي ڇڏيندو.

ترقيءَ جو پلڙو ان قوم جي جهول ۾ آهي جنهن وٽ علم، عقل، سمجهه ۽ انساني اجتماعي سگهه ۽ شعور آهي ۽ جيڪا قوم انهن سمورين صلاحيتن کان محروم آهي اها قوم هن ڌرتيءَ جي نقشي تان دير يا سوير ميسارجي وڃڻ جي ڏاڪي تي آهي. ڊارون جي فلسفي سان سوين اختلاف ٿي سگهن ٿا پر ارتقا جي نظرئي تحت ڊارون جي ان ڳالهه کان ڪوئي به انڪار نه ڪري سگهندو ته: "جي زنده رهڻ گهرو ٿا ته پاڻ کي حالتن مطابق ڍالڻ جي لچڪ به رکو...". هڪ مسلمان جي حيثيت سان ان ڳالهه کان انڪار اسان شايد ان ڪري به نه ڪري سگهون ڇو ته خدا خود قرآن ۾ فرمايو آهي: "مان (خدا) ان قوم جي تقدير تيستائين نه بدلائيندس جيستائين اها قوم پنهنجي تقدير پاڻ نه ٿي بدلائي..". بلڪل اهڙي طرح انساني سماج جي مثبت تبديليءَ جي ڳالهه هر فلسفي، هر نظرئي ۽ هر مذهبي ڪتاب ۾ واضح ۽ عيان ملندي. آخر اها تبديلي آهي ڇا جنهن جو ذڪر هر دور ۾ ٿيندو رهي ٿو ۽ جنهن جي بنياد تي انساني سماج جا ڄاڻو ۽ ماهر ماڻهو مختلف ترڪيبون ڳولهيندي ٿڪجن ٿي نه ٿا..!

اصل ۾ انسان ۽ انساني سماج جي ترقي ۽ ارتقا هڪ اهڙي مسلسل ۽ اڻ کٽندڙ راهه تي گامزن آهي جنهن جي نتيجي ۾ هر جُڳ اندر نئين زندگي ۽ نئون سماج تخليق ٿيندو رهي ٿو ۽ اهو ئي سبب آهي جو هر دور، هر دور جون ضرورتون ۽ هر دور جي انسان جي سوچ، گهرجون ۽ حالتون گذريل دور جي انسان کان بلڪل مختلف هونديون آهن ۽ ان جي نتيجي ۾ هر دور جا مسئلا ۽ مونجهارا به بلڪل مختلف هوندا آهن. جيڪي انسان ۽ سماج انهن حالتن مطابق پاڻ کي تبديل ناهن ڪري سگهندا، انهن انسانن ۽ سماجن کي تبديل ڪرڻ لاءِ هر دور ۾ جدوجهد ٿينديون رهنديون آهن.

سنڌ رورل سپورٽ آرگنائيزيشن (سرسو) پڻ سنڌ جي پٺتي پيل اهڙين ڀاڙين کي اڳتي آڻڻ ۽ انهن کي دنيا جي بدلجندڙ حالتن پٽاندڙ زندگيءَ جا گُر سيکارڻ ۾ نه صرف مصروفِ عمل آهي پر ان سان گڏوگڏ سرسو جي پڻ اها هر ممڪن ڪوشش رهي آهي ته سنڌ جا ماڻهو خود ان لائق بڻجن جو پنهنجو پاڻ کي، پنهنجي ڪٽنب کي ۽ پنهنجي ڳوٺ ۽ علائقي کي غربت جي ڏينڻ مان نه صرف آجو ڪرائن پر جديد دور جي تقاضائن کي سمجهندي پنهنجي ۽ پنهنجي ايندڙ نسلن لاءِ هڪ جامع، مستقل ۽ مسلسل جدوجهد جي رٿابندي پڻ ڪري سگهن. اسان کي ان ڳالهه ۾ پورو پورو يقين آهي ته اهڙو ڏينهن ضرور ايندو جڏهن سرسو سنڌ جي ماڻهن ۾ اهڙيون قابليتون پيدا ڪرڻ ۾ ضرور ڪامياب ويندي جو اسانجي سماج جو هر هڪ فرد خود ان لائق بڻجي پوندو جو هو وقت، حالتن ۽ هر دور جي تقاضائن سان پاڻ مهاڙو اٽڪائي سگهي ۽ ترقي ۽ خوشحالي سندن در جي چوکٽ تي پاڻ اچي بيڙ جهڪائي. هيءُ رسالو اهڙن ئي تنين وڏن ڪردارن جو ترجمان آهي جن پنهنجو پاڻ کي تبديل ڪري سنڌ جي سماجي، معاشي ۽ اخلاقي تبديليءَ جا بنياد وڌا آهن.

ساٿ سلامت

**سيده نازيہ شاهہ**

مسئلو ٻن قسمن جي ماڻهن جو آهي هڪڙا اُهي جيڪي غربت جي لڪير کان هيٺ ڪرڻ وارا آهن ۽ ٻيا اُهي جيڪي اڳ ۾ ئي غربت جي لڪير ڪراس ڪري چڪا آهن ۽ اهي اڳ ۾ ئي غريب آهن ٻيو ته انهن کي ٻاهر نڪرڻ جو ڪو موقعو به نه مليو آهي.

هن اڪرن جي جانچ پڙتال ڪان پوءِ گورنمينٽ هڪ ڊرافٽ تيار ڪيو آهي "Social Protection Strategy" جنهن ۾ زور ڏنو ويو آهي ته رياستن جي بنياد تي هڪ اهڙي پاليسي ناهي وڃي جيڪا انهن ماڻهن کي سماجي ۽ معاشي تحفظ فراهم ڪري. ايندڙ ڪجهه سالن ۾ اهڙي منصوبا سازي (Strategy) جي ضرورت آهي. جنهن جي رپورٽ ظاهر ڪري ٿي ته هر ٽِن مان هڪ پاڪستاني غريب آهي ۽ ٻن مان هڪ غربت جو شڪار هوندو.

تنهنڪري، سوال اهو آهي ته آبادي جي ان ڪمزور پهلو تي ڪيترو غور ڪيو ويو آهي؟ جيڪن ڊرافٽ مان ظاهر آهي ته هتي تمام گهڻي ضرورت آهي ته آبادي جي ان حصي لاءِ سماجي ۽ معاشي تحفظ فراهم ڪيو وڃي. سوشل سيڪٽر تي ڪم ڪرڻ جي تمام گهڻي ضرورت آهي ته غربت ختم ڪرڻ لاءِ ڪو فارمولو جوڙيو وڃي ۽ ان تي عمل درآمد ڪرايو وڃي. خاص طور تي صحت ۽ تعليم جي شعبي جي حوالي سان.

صحت جي حوالي سان تمام گهڻي ضرورت آهي ته بهتر صحت جي پاليسي جوڙي وڃي جنهن جا ٻه جزا هجن. پهريون اهو ته ڳوٺاڻن علائقن ۾ جيڪي به Infrastructure موجود آهن انهن جي صلاحيتن کي وڌايو وڃي. (Rural Health Centers), (Basic Health Units) ڊسپينسريون ۽ ميٽرنٽي هومز ۽ Child & Mother Care Centers جن جي حالت تمام خراب آهي. انهن جي حالتن ۾ تبديلي آڻجي، ۽ انهن سينٽرن کي ڊاڪٽر، ڊسپينسر يا صحت کاتي جا اعليٰ عملدار انهن جو معائنو ڪندا رهن.

مختصر اِهو ته اهي سينٽر جيڪي بنيادي صحت جون سهولتون مهيا ڪري سگهن ٿا ۽ بند پيا آهن. تمام گهڻي ضرورت آهي ته انهن کي ڪم لائق بڻايو وڃي. ۽ ٻيو ته، ان ڳالهه جي به پڪ ڪئي وڃي ته ڇاڪاڻيل صحت کاتي جو عملدار Regular آهي؟. خاص طور تي اسٽاف شڪايتون ڪندو آهي ته امن امان جون حالتون خراب آهن ۽ رهائش جي حوالي سان مسئلا اهم آهن.

ان سلسلي ۾ ڊاڪٽر جي رهائش ۽ پيرا ميڊيڪل اسٽاف جي رهائش صحت مرڪز Health Unit جي بلڪل ويجهو هئڻ گهرجي.

هن وقت صحت مرڪز Health Unit جي حالت اطمينان جوڳي نه آهي، ان ڪري انهن جي واڌاري ۽ بهتري لاءِ اڃان به وڌيڪ محنتون ڪرڻيون پونديون، جيئن اهي چڱي طرح ڪم ڪري سگهن.

هڪ ٻيو قدم جيڪو حڪومت کي کڻڻ گهرجي اُهو اِهو ته هر پنج ڪلوميٽر جي فاصلي تي هڪ هيلٿ يونٽ يا گهٽ ۾ گهٽ هڪ ڊسپينسري مهيا ڪئي وڃي، هڪ ٻيو اهم قدم اهو ته دائين جي لاءِ تربيتن جو انتظام ڪيو وڃي، گهٽ ۾ گهٽ هڪ تربيت يافته دائي جو هڪ وڏي ڳوٺ ۾ هئڻ ضروري آهي اهڙي طرح ويم دوران عورتن جي موت جو تناسب گهٽ ٿي سگهي ٿو.

ورلڊ بئنڪ جي رپورٽ مطابق 15 سالن کان ننڍي عمر جي ٻارن جو تناسب تمام وڌيڪ آهي جيڪي غربت جي لڪير کان هيٺ اچي سگهن ٿا. جيئن 9-5 سالن جا ٻار اسڪولن ۾ داخل (Enrolled) ٿي نه آهي. ۽ اهي غربت طرف وڌي رهيا آهن. بلڪل ساڳئي ريت 14-10 سالن جا ٻار جن جا اسڪولن ۾ نالا درج نه آهن، انهن جي به غريب هئڻ جو خدشو وڌيڪ آهي.

هتي تمام گهڻي ضرورت آهي ته پوري ملڪ ۾ پرائمري اسڪولن جي سطح تي Enrollment وڌائڻ ۽ سماجي سجاڳي پيدا ڪرڻ Adult Literacy Programs لاءِ ڪم ڪيو وڃي. خواندگي جي مسئلي کي ان جي رحم و ڪرم تي ڇوڙي نٿو ڇڏي سگهجي.

# گهڻ رخو هنر وڌائڻ وارو پروگرام

## Integrated Skill Development Programme

لطيف سومرو



سنڌ رورل سپورٽ آرگنائيزيشن غربت گهٽايو پروگرام جي اصولن تي هلندي اتر سنڌ جي ٽون ضلعن ۾ غريب ماروئڙن مان غربت ختم ڪرڻ خاطر انهن سان گڏجي ڏينهن رات ڪم ڪري رهي آهي. غريب ماڻهن جي ذهني اوسر ۽ جاڳرتا، ڪين علم ۽ ٽيڪنالاجيز مهيا ڪري ڏيڻ ته جيئن هو پنهنجي مدد پاڻ تحت غربت مان آجپو حاصل ڪري سگهن.

حڪومت سنڌ جي مالي سهڪار سان سنڌ رورل سپورٽ آرگنائيزيشن (سرسو) انٽيگريٽڊ اسڪل ڊولپمينٽ (ISDP) پراجيڪٽ ضلعي قمبر-شهدادڪوٽ ۾ شروع ڪيو آهي. هن پراجيڪٽ جو اصل مقصد ضلعي قمبر-شهدادڪوٽ جي ٽن يونين ڪائونسلن (1) راوتي (2) جيئل ابڙو (3) خيرپور جوسو ۾ بيروزگار نوجوانن (مرد ۽ عورتن) کي هنر جهڙي زيور سان آراستا ڪرڻ آهي، ته جيئن اهي پنهنجي ۽ پنهنجي گهر وارن جي زندگي ۾ معاشي ۽ سماجي تبديلي آڻيندي باهنر ٿين ۽ غربت جي ڏيڻ مان آجپو حاصل ڪندي خوشحال زندگي طرف وڪ وجهي سگهن.هن پروگرام کي عملي شڪل ڏيڻ لاءِ سرسو تنظيم سازي ۽ سماجي جاڳرتا جو ڪم ٽنهي يونين ڪائونسلن ۾ شروع ڪيو آهي. هن ڪارائتي ڪم جي شروعات سڀ کان پهريان يونين ڪائونسل راوتي کان ڪئي وئي آهي. پروگرام تحت ٽنهي يونين ڪائونسلن مان 1040 مرد ۽ عورتن کي هنري سکيا ڏني ويندي، جن جي نامزدگي ڳوٺن ۾ نهيل تنظيمن جي مشاورت سان ڪئي ويندي ته جيئن صحيح، غريب ۽ مستحق ماڻهن کي سکيا ملي سگهي ۽ وڌ کان وڌ غريب ئي هن سکيا مان ڀرپور فائدو وٺندي هنر جهڙي بادشاهي حاصل ڪري سگهن.

| Name of Training | ٽريننگ جا نالا | نمبر |
|---|---|---|
| Heavy Machinery Operators | بلڊوزر ۽ ٽريڪٽرن جا ڊرائيور | 1 |
| Mobile Repairing | موبائيل جي مرمت | 2 |
| Building Electrician | بجليءَ جي فٽنگ | 3 |
| Welding | ويلڊنگ جو ڪم | 4 |
| Motor Cycle Repairing | موٽر سائيڪل جي مرمت | 5 |
| Generator Repairing | جنريٽرن جي مرمت | 6 |
| Tailoring | سلائي | 7 |
| Applic Work | ٽڪ جو ڪم | 8 |
| Chabi, Sindhi Cap & Zari work | چبي، سنڌي ٽوپي ۽ زريءَ جو ڪم | 9 |
| Beautician | هار سينگار | 10 |
| Product Development Training | هٿ جي شين (سامان) ناهڻ جي ٽريننگ | 11 |

هنرن ۾ خود ڪفالت ڪرڻ جو چارٽ.

سرسو هنري سکيا ڏيارڻ واسطي يونين ڪائونسل سطح تي هنري مرڪز جوڙيا آهن ته جيئن ڇوڪرن ۽ ڇوڪرين کي انهن جي ئي علائقن ۾ تربيت ڏئي سگهجي. انهن تربيتن کي عملي جامو پهرائڻ لاءِ سرسو ماهر ۽ تجربيڪار سکيا ڏيندڙن (Trainers) جون خدمتون پڻ ورتيون آهن. سيني تربيتن کي پيداواري شڪل ڏيڻ لاءِ ماهر ڊزائينر (Designer) ۽ بزنس ڊولپمينٽ آفيسر (Business Development Officer) پڻ ڀرتي ڪيا ويا آهن ته جيئن سکيا جي هن معيار کي برقرار رکي سگهجي. ۽ گڏوگڏ هن پروگرام تحت سيني تربيت وٺندڙ ڇوڪرن ۽ ڇوڪرين کي مارڪيٽ سان ڳانڍاپو Linkage پڻ ڪرائي سگهجي. تربيت يافته ڇوڪرين جا Business Development Groups (BDGs) ٺاهيا ويندا ته جيئن عورتن کي معاشي طور تي وڌيڪ مستحڪم ڪرڻ ۾ سولائي ٿي سگهي، ۽ هن پراجيڪٽ جا ڀرپور نتيجا پڻ حاصل ڪري سگهجن.



انهيءَ کان علاوه (BDGs) جي عورتن (ڇوڪرين) جي ڪم جي صلاحيت کي ۽ مارڪيٽ جي هنرن (نمونن) (Trends) کي بهتر سمجهڻ لاءِ ڪراچي، اسلام آباد ۽ لاهور جي مارڪيٽن تائين مطالعاتي دوره (Exposure Visits) پڻ ڪرايا ويندا ته جيئن وڌ کان وڌ تربيت حاصل ڪندڙن کي ڄاڻ حاصل ٿي سگهي.



هن پراجيڪٽ جي مڪمل نتيجن حاصل ڪرڻ کانپوءِ جنهن ۾ سکيا وٺندڙ مرد ۽ عورت (Trainees) کي ضرورت پئي ته سرسو مائڪرو فنانس Micro Finance وارو شعبو قرض پڻ مهيا ڪندو ته جيئن انهن ڇوڪرن ۽ ڇوڪرين (مرد/ عورتن) کي پنهنجي پيرن تي بيهارڻ ۾ مدد ملي سگهي ۽ هڪ پائدار ۽ امن پسند معاشري جي تشڪيل ۾ هٿ ونڊائي سگهن ۽ گڏوگڏ پنهنجي آمدني ۾ خاطرخواهه اضافو پڻ ڪري سگهن. اهڙي محنت عيوض هو معاشري جا اهم ڪارڪن بڻجندي پنهنجي خطن، ڳوٺن وستين واهڻ ۾ هنر کي اڳتي وڌائيندي معاشري ۾ ترقي جو سبب بڻجندا. اهڙي بامقصد ۽ ڀرپور عمل سان معاشرو ترقي طرف روان دوان ٿي سگهندو جنهن ۾ هر ماڻهو کي پنهنجي پنهنجي واڳيل فيلڊ ۾ ڀرپور ڪردار ڪرڻ جي تمام گهڻي ضرورت آهي.

**



# تعليم بالغان مرڪز جو افتتاح

نسرين نوناري

انساني مسئلن جي جيڪڏهن لسٽ ٺاهي وڃي ته ٻه اهڙا بنيادي مسئلا سامهون ايندا جن کي اسين سڀ کان مٿي رکنداسين، انهن ۾ هڪ صحت ۽ ٻيو تعليم جو مسئلو آهي. ائين چئي سگهجي ٿو ته صحت جو معاملو اصل ۾ تعليم جوئي معاملو آهي.

جيڪڏهن توهان وٽ سجاڳي آهي، بنيادي حقن جي حاصلات آهي ۽ جيڪڏهن اوهان کي چڱي طرح سڌ آهي ته توهانجي ڳوٺ ۽ ٻرپاسي وارن علائقن ۾ صحت متعلق ڪا مهم هلي رهي آهي ته توهان کي بلڪل خبر هوندي ته انهيءَ مان توهان کي ڪيئن فائدو حاصل ڪرڻو آهي. يقيناً ان سان اوهان پڻ نه فائدو حاصل ڪندؤ ٿي پر گڏوگڏ پنهنجي گهر وارن ۽ ٻين ماڻهن کي پڻ فائدو پهچائڻ جي ڪوشش ڪندا. ان جي ابتڙ جيڪڏهن توهان پڙهيل لکيل ناهيو هڪ اکر به پڙهي نٿا سگهو ۽ نه ئي سمجهي سگهو ٿا ته اهڙين مهمن جي بنيادي مقصدن کي به اوهان نٿا سمجهي سگهو ۽ نه ئي وري ڪو فائدو حاصل ڪري سگهو ٿا.

پڙهڻ ۽ لکڻ جي بنيادي صلاحيت زندگي جي هرقدم تي انتهائي اهميت جوڳي آهي. اهڙي ئي اهميت کي نظر ۾ رکندي سنڌ رورل سپورٽ آرگنائيزيشن پاران قمبر-شهدادڪوٽ ضلعي جي ڳوٺ غازي خان چانڊيو ۾ بالغ خواندگي مرڪز جي افتتاح ڪرڻ لاءِ هڪ تقريب منعقد ڪئي وئي.

هن مرڪز جو افتتاح ڊپٽي ڪمشنر قمبر-شهدادڪوٽ اسدالله ابڙو ڪيو. ان موقعي تي سرسو جو ايڪٽنگ چيف ايگزيڪيوٽو آفيسر غلام مصطفيٰ ابڙو، نعمت الله شيخ، نسرين نوناري پڻ ان موقعي تي موجود هئا. هن مرڪز جي افتتاح جو بنيادي مقصد ڀرپاسي سان تعلق رکندڙ اڻ پڙهيل عورتن ۾ بنيادي پڙهڻ لکڻ ۽ سمجهڻ جي صلاحيت پيدا ڪرڻ آهي. ان سان بالغ عورتن مان جاهليت جو خاتمو پڻ ممڪن آهي ته جيئن هي عورتون ان بالغ خواندگي مرڪز مان پڙهي لکي ڪري پنهنجي حقن کي سمجهن ۽ اڳتي هلي پنهنجي ٻارن جو تعليم ذريعي مستقبل سنواري سگهن.



تقريب کي خطاب ڪندي ڊي.سي اسدالله ابڙو چيو ته سرسو سنڌ حڪومت جو ٻانهن ٻيلي ادارو آهي، جيڪو غربت جي خاتمي کان وٺي سنڌ جي اڪثر علائقن ۾ ٻوڏ، سيلاب ۽ مختلف آفتن ۾ ڀاڱ مچايو آهي. انهن مڙني شعبن سميت تعليم جي شعبي ۾ پڻ سرسو جون ڪيل خدمتون قابلِ تعريف آهن. هن چيو ته تعليم عورتن کي انهن جا حق، دعوي ۽ اقتصادي توڙي سياسي ۽ سماجي ميدان ۾ انهن جي صلاحيتن کي وڌائڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪري ٿي. غربت جي لعنت ختم ڪرڻ جي لاءِ تعليم سڀني کان وڌيڪ طاقتور ذريعو آهي.

سرسو جي ايڪٽنگ چيف ايگزيڪيوٽو آفيسر غلام مصطفيٰ ابڙو تقريب ۾ ڳالهائيندي چيو ته منهنجي ڪوشش آهي ته ڀرپاسي جي سڀني علائقن ۾ خاص طور تي عورتن جي لاءِ بنيادي تعليم جي فراهمي لاءِ اهڙا غير رسمي تعليمي سينٽر کوليا وڃن ڇو ته اهڙن مرڪزن جي کولڻ جو مقصد عورتن ۾ بنيادي تعليم حاصل ڪرڻ جو ڀرپور

گهر جي انشورنس ڪرائي وئي. بهترين نتيجن جي حاصلات ڪانپوءِ اتر سنڌ جي نون (9) ضلعن تائين ڦهلائي وئي جنهن ۾ ڪشمور-ڪنڌڪوٽ ۽ شڪارپور ضلعن ۾ حڪومت سنڌ جي مالي سهڪار سان. جڏهن ته خيرپور ۽ سکر ضلعن ۾ سرسو جي مالي سهڪار سان مائيڪرو هيلٿ انشورنس کي غريب ماڻهن جي بهتر صحت لاءِ وڌايو ويو.



مائيڪرو هيلٿ انشورنس تحت سرسو نون (9) ضلعن ۾ 2005ع کان ڪل 821,559/- فردن جي انشورنس ڪرائي وئي آهي. مائيڪرو هيلٿ انشورنس تحت 7199 مريضن جو مفت علاج ڪرايو آهي. جنهن جي خرچ جو ڪاٿو 123,342,221/- لڳي ٿو.







پاليسي مطابق فائدو حاصل ڪندڙ مريضن جو وچور

| نمبر | ضلعن جا نالا | علاج ڪيل مريضن جو تعداد | پاليسي تحت مريضن کي مليل پئسن جو وچور |
|---|---|---|---|
| 1 | شڪارپور | 2,918 | 40,674,332 |
| 2 | ڪشمور-ڪنڌڪوٽ | 1,946 | 28,483,773 |
| 3 | سکر | 317 | 3,389,628 |
| 4 | خيرپور | 1,334 | 1,2662,386 |
| 5 | جيڪب آباد | 89 | 823,866 |
| 6 | قمبر-شهدادڪوٽ | 102 | 1,085,560 |
| 7 | نوشهروفيروز | 174 | 1,826,104 |
| 8 | گهوٽڪي | 205 | 1,896,163 |
| 9 | لاڙڪاڻو | 114 | 1,340,741 |
| | ٽوٽل | **7,199** | **92,182,553** |



سرسو جي اهڙن تاريخي قدم کڻڻ کانپوءِ هاڻي ائين نٿو چئي سگهجي ته اهي غريب ۽ مسڪين ماڻهو بيماري جي صورت ۾ زندگيءَ کان آسرو لاهي ويٺا پنهنجي حياتيءَ جا ڏينهن ڪٽيندا رهن ٿا بلڪ هاڻي هي ماڻهو صحت جي حاصلات لاءِ اپترو ته آسانيءَ سان اسپتالن ۽ ڊاڪٽرن تائين پهچي وڃن ٿا. جيئن شهر ۾ رهندڙ سکيا ستابا ماڻهو.

سيمينار جي باقائده شروعات تلاوت ڪلام پاڪ سان ڪئي وئي تنهن بعد ڪلستر اسڪول جي مضمون ۾ مهارت ۽ سني ليڪ غلام علي سانگي پنهنجي تقرير ڪندي چيو ته دنيا جي تحقيق نگارن جو اهو چوڻ آهي ته جنهن ملڪ ۽ خطي ۾ معياري تعليم تي ڌيان ڏنو ويندو، اتي جهالت سبب برايون ۽ جهيڙا جهڳڙا جنم وٺن ٿا. اڄ جيڪڏهن يورپي ملڪ طاقتور ۽ ترقي يافته آهن. سي علم ۽ ڄاڻ جي ڪري ئي آهن. تنهنڪري جيڪڏهن اسانکي دنيا سان ڪلهو ڪلهي ۾ ملائي هلڻو آهي ته اسان کي پنهنجي نئين نسل کي تعليم جي زيور سان آراسته ڪرڻو پوندو.

ڪلستر اسڪول جي هيڊ ٽيچر لطف علي چانڊيو چيو ته تعليم انسان جي بنيادي ۽ اهم ضرورت آهي. تعليم بنا انقلاب ناممڪن آهي. اڄ تائين جنهن ملڪ ۾ انقلاب آيا آهن. اهي صرف ۽ صرف تعليم جي بدولت ئي آيا آهن. تنهنڪري تعليم تي خاص توجهه جي تمام گهڻي ضرورت آهي.

تنهن بعد نعمت الله شيخ (مئنيجر سوشل سروسز سيڪٽر) پنهنجي تقرير ۾ چيو ته ڪنهن به قوم جي ترقي، بقا ۾ تعليم جو ڪردار تعليم جي ترقي سان جڙي ٿو، خود انسان جو دارومدار به تعليم ۽ ماحول تي منحصر آهي. جنهن به اعليٰ معاشرن جي قيام جو سوچيو ويو آهي. اتي تعليم جي ترقي کي بنيادي اهميت ڏني وئي آهي. هن وڌيڪ چيو ته اسان جتي به تعليم جي کوٽ محسوس ڪنداسين هن اداري جي توسط سان اتي تعليم جي ترقي لاءِ پنهنجو ڀرپور ڪردار نڀائينداسين

هن سيمينار کي تعلقي ڳڙهي ياسين جي ايجوڪيشن پروموٽر عابد علي ڪوڪر پنهنجا ويچار ونڊيندي چيو ته اڄ جو شاگرد سڀاڻي جو معمار آهي، تنهنڪري شاگردن کي نصابي سرگرمين سان گڏوگڏ غيرنصابي سرگرميون به ڪرايون وڃن ته جيئن هو مختلف قسم جي ڄاڻ حاصل ڪري ملڪ جو نالو روشن ڪن.

ڊسٽرڪٽ ايجوڪيشن فوڪل پرسن عبدالحميد سميجو پنهنجي تقرير ۾ چيو ته اڄ دنيا ۾ هر ان تهذيب کي اهميت ۽ افاديت حاصل آهي جنهن وٽ تعليم آهي. تعليم انسان جو قيمتي زيور آهي، ان زيور کان ڪنهن کي به محروم نه ڪيو وڃي. تعليم سان انسان بامقصد، بامعنيٰ ۽ باوقار زندگي گذاري ٿو.

ڊسٽرڪٽ ايجوڪيشن آفيسر (DEO) ضمير ابڙو هن سيمينار ۾ پنهنجي خيالن جو اظهار ڪندي چيو ته اسان کي خبر ڪونه هئي ته ڪو سنڌ رورل سپورٽ آرگنائيزيشن (سرسو) وٽ اهڙا قيمتي ۽ بي بها گل به آهن، جيڪي وڏا ٿي پنهنجي ڳوٺ، شهر، ضلعي، صوبي ۽ ملڪ کي خوشبو سان معطر ڪندا ۽ پنهنجي ملڪ جي بقا لاءِ جاکوڙيندا.

سيمينار جي خاص مهمان محترم مختيار حسين ٽالپر خطاب ڪندي چيو ته سنڌ جي خوشحالي سرسبزي کي جيارڻو آهي ته سنڌ کي تعليم سان نوازڻو پوندو. تعليم انبياء جو ورثو آهي. ان لاءِ اسان کي پنهنجي ورثي جي حفاظت ڪرڻ گهرجي. اڄ جيڪڏهن اسان تعليم جو دامن ڇڏيو ته اهو ڏينهن پري نه آهي، جنهن ڏينهن اسان اونهيءَ کاهي ۾ وڃي نه ڪرون. تعليم سان محبت ئي انسانيت آهي. انهيءَ ڪري جيترو ٿي سگهي پنهنجي مستقبل کي سنوارڻ لاءِ تعيلم خاص توجهه ڏني وڃي.

پروگرام جي چيف گيسٽ محترم غلام مصطفيٰ ابڙو ايڪٽنگ چيف ايگزيڪيٽو آفيسر سرسو تعيلم جي اهميت کي اجاگر ڪندي چيو ته تعليم سڀني جو حق آهي، انهي حق کان ڪنهن کي به محروم نه ڪيو وڃي، پٺتي پيل علائقن ۾ تعليم کي عام ڪرڻ ئي اسان جو نصب العين آهي. اسين جيستائين زنده و حيات آهيون، تعليم کي عام ڪنداسين ۽ تعليم کي عام ڪرڻ لاءِ اهڙا ٻيا ڪوڙ سارا معياري ڪلستر اسڪول جوڙينداسين ته جيئن اسان جي پٺتي پيل علائقن جا ماروئڙا تعليم جي زيور سان مالامال ٿيندا رهن.

آخر ۾ سرسو جي ريجنل مئنيجر، ضلعي مئنيجر ۽ ٻين تعليمي ماهرن سيمينار ۾ شرڪت ڪري پنهنجي، پنهنجي خيالن جو ڀرپور اظهار ڪيو، آخر ۾ مقابلن ۾ ڪامياب ٿيندڙ شاگردن ۽ شاگردياڻين ۾ انعام پڻ ورهايا ويا.

# صنفي وڇوٽيءَ اسان جو معاشرو

زبير سومرو

ورلڊ اڪنامڪ فورم پاران ساليانى صنفي وڇوٽي رپورٽ (Gender Gap Report 2013) ڇپجي منظر عام تي آئي آهي. اها رپورٽ سال 2006ع کان هر سال بنا ناغي پڌري ٿيندي رهي ٿي. هرسال رپورٽ ۾ ڪجهه نوان ملڪ شامل ٿيندا رهندا آهن.

هن سال 2013ع واري رپورٽ ۾ 136 ملڪن جي صنفي حوالي سان مختلف رُخن جو تجزيو ڪيو ويو آهي. رپورٽ پڙهڻ ڪانپوءِ اها ڳالهه حيرت، افسوس ۽ خوف کان جوڙتي ٿي پئي ته مرد ۽ عورت جي وچ ۾ تفاوت جي صورتحال ڏينهون ڏينهن بد کان بدتر ۽ بدترين واري سفر ڏانهن تيزيءَ سان وڌي رهي آهي.

سڄي دنيا ۾ صنفي برابري جي با آواز بلند نعرا، جينڊر ايڪئلٽي ۽ جينڊر ايڪئلٽي جا مباحثا، صنفي تفرقن خلاف پراجيڪٽ، گورنمينٽس وٽ پارلياماني ادارن ۾ عورتن لاءِ مخصوص سيٽن جا فيصلا ۽ ٻيو الائي ته ڇاڇا.. پر پوءِ به صورتحال اڄ به اها آهي جو هن هوڙي نام نهاد ترقي يافته دور ۾ ڪٿي ڪٿي عورت کي ووٽ جو حق ناهي، گلف ملڪن ۾ عورت اڄ به ڊرائيورنگ جي معمولي حق کان وانجهيل آهي. ٿڌي ڪنڊ جي ملڪن ۾ عورتن جو ڪاروبار مال مويشي وانگر ٿي رهيو آهي. ٽئين دنيا جون رياستون اڄ عورتن جي حوالي سان انتهائي خطرناڪ تصوير چٽي رهيو آهي. ڄاڻايل رپورٽ ۾ جيڪا شعبا چونڊيا ويا آهن، جن جي تفصيلي چند ڇان ۽ تجزياتي چڪاس ڪئي وئي آهي:

1. ملڪ جي ڪل آبادي عورتن ۽ مردن جو تناسب
2. جي ڊي پي ۽ ان ۾ عورتن جو حصو
3. مردن ۽ عورتن جي اجرت ۽ پگهارن ۾ هڪجهڙائي
4. مردن ۽ عورتن جي بيروزگاريءَ جي شرح
5. مردن ۽ عورتن جي تعليم جا هڪجهڙا موقعا
6. مردن ۽ عورتن لاءِ روزگار جا هڪجهڙا موقعا
7. ڇوڪرين جي ننڍي عمر جي شادي
8. عورتن جي قانون سازي ۾ شراڪت
9. عورتن جي اسيمبلين ۾ حصيداري
10. عورتن جي وزير ۽ اهڙن اعليٰ عهدن تي تقرري
11. حمل دوران عورتن جي گهربل سارسنڀال
12. پرائمري ايجوڪيشن ۾ ڇوڪرين جي اينرولمينٽ
13. سيڪنڊري ايجوڪيشن ۾ ڇوڪرين جي اينرولمينٽ
14. مردن ۽ عورتن جي خواندگيءَ جي شرح
15. ملڪ ۾ ڪيترو عرصو ڪا عورت صدر يا وزيراعظم رهي آهي
16. لسٽيڊ ڪمپنيز جي بورڊ آف ڊاريڪٽرس ۾ عورتن جو انگ

17. ملڪ جي سرڪاري يا غيرسرڪاري ادارن جون عورت سربراهن جو انگ
18. انٽرنيٽ استعمال ڪندڙ عورتن جو انگ
19. موبائل فون استعمال ڪندڙ عورتن جو انگ
20. خاندان مان ملندڙ جائداد جو حق ماڻيندڙ عورتن جي شرح
21. حمل دوران عورتن جي موت جي شرح
22. عورتن لاءِ گائناڪالاجسٽ جي سهولت
23. فيملي پلاننگ جي سهولت
24. ايڊز جي روڪ ٿام جا اُپاءَ
25. عورتن کي طلاق جو حق ۽ ان ۾ آساني
26. عورتن جي ذاتي ملڪيت جو حق
27. عورتن لاءِ قرض جي حصول جي سهولت
28. عورتن کي ووٽ جو حق ڪڍهن مليو
29. ڪم ڪندڙ عورتن کي ملندڙ "حمل جي موڪل" جي مدت
30. عورتن کي ملندڙ "حمل جي موڪل" Maternity Leave دوران سهولتون ۽ فائدا
31. ملڪ ۾ "ڊي ڪيئر" جون سهولتون

مٿي ڄاڻايل 31 شعبن ۾ 136 ملڪن جي تفصيلي ڇنڊڇاڻ ڪان پوءِ اها رپورٽ پڌري ڪئي وئي آهي، جنهن ۾ ٽاپ ٽين يعني 136 جي لسٽ ۾ مٿان ڪان بهترين 10 ملڪ هي آهن:

1. آئيس لينڊ
2. فنلينڊ
3. سئيڊن
4. فلپائن
5. آئرلينڊ
6. نيوزيلينڊ
7. ڊينمارڪ
8. سئزرلينڊ
9. نڪارا گئا
10. بيلجيئم

جڏهن انهيءَ ئي 136 ملڪن جي لسٽ جي هيٺان ڪان ڳڻجي يعني بدترين ٽاپ ٽين ملڪ ڳولجن ته صورت ڪجهه هيئن بيهندي:

136. يمن
135. پاڪستان
134. چاڊ
133. شام
132. ملائيشيا
131. ڪوٽ ڊي وٽائر

# حصولات جي شعبي جون سرگرميون

## ACTIVITIES OF PROCUREMENT UNIT



اميت راجا

سنڌ رورل سپورٽ آرگنائيزيشن ٻهراڙي جي غريب ماڻهن مان غربت جهڙي ناسور کي گهٽائڻ لاءِ ميدان عمل ۾ ڏينهن رات سرگرمِ عمل آهي. سرسو جو ڪم غريب گهراڻن کي منظم ڪندي کين ذهني اوسر ۽ جاڳرتا ڏيڻ پڻ آهي. جنهن ذريعي سماج ۾ سندن وجود، اهميت ۽ ڪم ڪرڻ جهڙي شعور جي صلاحيت پيدا ڪرڻ پڻ آهي. ۽ جڏهن اهڙا گهراڻا منظم ٿي هڪ جٿو ناهين ٿا. جنهن کي هڪ اداري جهڙي حيثيت حاصل آهي. ان جٿي ۾ ويهن کان پنجويهه ماڻهو شامل هوندا آهن جن جو تعلق مختلف ڪاروباري زندگيءَ سان هوندو آهي. ڪي زرعي پيشي سان، ڪي مال مويشي سان، ڪي وري هنر سلائي ڪڙهائي ڪندي پيٽ گذر ڪن. سندن ان پيشي کي ڪا پنيرائي ڪونہ آهي. سرسو وٽ مخلتف شعبا آهن جيڪي اهڙن جٿن وٽ وڃي سندن ذهني اوسر ڪن ٿا. تربيتون فراهم ڪندي انهن جي ڄاڻ ۾ اضافو آندو وڃي ٿو. خصوصاً عورتن تہ ڀرپور موٽ ڏني آهي.



سرسو جي اهڙي ڪم کي ڏسندي جيڪو 100% ٻهراڙي جي غريب ماڻهن ۽ خصوصاً عورتن جي زندگين مان غربت جهڙي ناسور مان نجات ڏيارڻ آهي، تنهن ڪم ڪارڻ ملڪي توڙي عالمي ادارن جو توجهہ هن اداري طرف راغبُ ٿيو تہ چونہ سرسو معرفت غريب ڳوٺاڻن ۾ تعليم، هنر سلائي ڪڙهائي ووڪيشنل سينٽر، دائپي، هارسينگار (بيوٽيشن)، مال مويشي، زراعت جي مد ۾ غربت ختم ڪرڻ ڪارڻ هن اداري جي توسط سان ڪم ڪيو وڃي.

ملڪي ۽ غيرملڪي اداري جي شفافيت کي مدنظر رکندي سرسو جي انتظاميہ حصولات جي شعبي جو قيام عمل ۾ آندو ۽ هڪ ڪميٽي پڻ تشڪيل ڏني جيڪا چيئرپرسن سميت پنجن ڄڻن تي مشتمل آهي. هن يونٽ جو ڪم پروجيڪٽ لاءِ آساني پيدا ڪرڻ آهي. شفاف نموني عالمي اسٽينڊرڊ مطابق شين جي وقتائتي خريداري کي ڪميٽي معرفت يقيني بڻائڻ هن شعبي جو مشن آهي، تہ جيئن مختلف پراجيڪٽ فاعدو حاصل ڪندي شيون واهپيدار تائين پهچائي سگهن.



هي يونٽ هر پاليسي سان سهمت ڪندي، ٺيڪيدارن کان ٽينڊر وصول ڪندو آهي ۽ ضرورت پوڻ سان ويهن لکن جي خريداري جو ٽينڊر اخبار ۾ شايع ڪرائيندو آهي. جنهن بعد ٽينڊر سيني جي سامهون کوليندي شفافيت کي يقيني بڻايو ويندو آهي.

### ڪجهه ڪيل ڪمن جو وچور هن ريت آهي.

| نمبر | تفصيل سيڪٽر/ ڊپارٽمينٽ/ يونٽ | خرچ ڪيل رقم |
|---|---|---|
| 1 | مانيٽرنگ، ايواليوئيشن ۽ ريسرچ يونٽ (MER) | 861,375.00 |
| 2 | شعبہ قدرتي وسيلن جي انتظامڪاري (NRM) | 386,861.43 |
| 3 | هيڊ آفيس (Head Office) | 32,481,105.00 |
| 4 | مائڪرو هيلٿ انشورنس (MHI) | 67,255.00 |
| 5 | ڊسٽرڪٽ آفيس گهوٽڪي (District Ghotki) | 47,321,036.00 |
| 6 | ننڍي پيماني تي قرض وارو شعبو (Microfinance) | 2,163,100.00 |
| 7 | سوشل سيڪٽر سروسز (SSS) | 869,285.00 |
| 8 | احساس (IHSAS) | 1,283,850.00 |
| 9 | هيومن ريسورس (HR) | 563,588.00 |
| 10 | فني ترقي ۽ تعميراتي شعبو (PITD) | 305,500.00 |
| | انٽرپرائيز سيڪٽر | 1,170,026.00 |
| 11 | انسٽيٽيوٽ آف مئنيجمينٽ اينڊ اسڪل ڊولپمينٽ (IMSD) | 2,656,524.00 |
| 12 | انفرميشن ٽيڪنالاجي (IT) | 4,684,817.00 |
| 13 | ڊسٽرڪٽ آفيس شڪارپور (District Shikarpur) | 178,200.00 |
| 14 | سرسو ڪامپليڪس (SRSO-Complex) | 3,818,277.50 |
| | ٽوٽل | **98,810,799.93** |

**حصولات جي شعبي جو نصب العين آهي ته:**

- مختلف سيڪٽرس جون ڏنل ضرورتن (ڊمانڊ) کي پيشيوارانہ طور حل ڪرڻ.
- شفافيت کي يقيني بڻائڻ.
- قيمت ۽ ڪوالٽي جي جانچ پڙتال ڪندي اداري ۽ غريب ماڻهن کي فائدو ڏيڻ.
- وقتائتي خريداري ڪرڻ.
- ٺيڪيدارن کي وقتائتي رقم ڏيڻ.
- اداري جي ساک جو ڏاڪو ڄمائڻ.
- اداري جي پاليسين سان سهمت رکڻ.
- پيشيورانہ صلاحيتن سان ڪم ڪرڻ.
- بجيٽ جي اندر رهندي خريداري ڪرڻ.
- سٺي، شاهوڪار ۽ ساک پت واري ويندر سان ڪم ڪرڻ.

ڏني وئي ته جيئن اهي خاص ڪري جمعي نماز جي خطبي ۾ انهيءَ ڳالهه تي روشني وجهن. انهيءَ طريقي سان ماڻهن جو هڪ وڏو انگ ماءُ ۽ ٻار جي اهميت متعلق ڳالهين کي سولائي سان سمجهي سگهندو.



انهيءَ کان علاوه ضلعي جي صحت کاتي ۽ سرسو جي طرفان صحت ميلن جو پڻ انعقاد ڪيو ويو ته جيئن ضلعي جي اندر صحت سان وابسته ٻين ادارن کي پڻ انهيءَ ڳالهه جو ڀرپور احساس ڏيارڻ هوڻ چوڻ انهن ڏورانهن علائقن کي پنهنجي ڪم جي دائري ۾ شامل ڪيو وڃي ته جيئن گهڻن ۽ ضرورتمند ماڻهن کي لاڀ ملي سگهي. احساس پراجيڪٽ تحت سرسو 8 صحت ميلن جو اهتمام ڪيو. جيڪي صحت مرڪزن جي چوديواري ۾ ڪيا ويا، ۽ انهن جو افتتاح ڊپٽي ڪمشنر ۽ صحت جي ضلعي آفيسرن پاران ڪيا ويا. انهن صحت ميلن ۾ مختلف ادارن جي طرفان پنهنجا اسٽال لڳايا ويا ۽ ماڻهن ۾ مفت دوائون ۽ طبعي مشورا پڻ ڏنا ويندا رهيا.





ماءُ ۽ ٻار جي صحت کي وڌيڪ اجاگر ڪرڻ لاءِ مختلف ڳوٺن ۾ ڪميونٽي ٿيٽر (Community Theater) پڻ ڪرايا ويا ته جيئن صحت جي پيغام کي صحيح طريقي سان ماڻهن خاص ڪري عورتن تائين پهچايو وڃي. احساس پروجيڪٽ تحت ٻنهي ضلعن ۾ 14 ڪميونٽي ٿيٽر ڪرايا ويا ۽ ماڻهن کي ڊرامائي انداز ۾ ماءُ ۽ ٻار جي صحت جي متعلق آگاهي ۽ شعور ڏنو ويو.

ماءُ جي صحت کي ذهن ۾ رکندي ٻنهي ضلعن ۾ 211 طبي ٿيلها (Medical Kits) ورهايا ويا ته جيئن شروعاتي سطح تي ماءُ ۽ ٻار کي صحيح طريقي سان خيال رکي سگهجي.

پراجيڪٽ جو اصل مقصد هو ته:

(1) ويم کان پهرين حامله عورت کي گهٽ ۾ گهٽ چار ڀيرا ويجهي اسپتال مان چيڪ اپ ڪرايو.
(2) محفوظ ويم لاءِ اسپتال ۾ ويم ڪرايو وڃي.
(3) ويم کان پوءِ گهٽ ۾ گهٽ 2 ڀيرا ويجهي اسپتال مان معائنو ڪرايو وڃي.
(4) صحت ۽ صفائي تي خاص ڌيان رکيو وڃي.
(5) ٻارڙن کي ٽڪن جو پورو ڪورس مڪمل ڪرايو وڃي.

انهيءَ کان علاوه هن پراجيڪٽ تحت ٻنهي ضلعن ۾ (F.M 105) تي ماءُ ۽ ٻار جي صحت متعلق سماجي جاڳرتا ۽ ماءُ جي صحت جا پيغام پڻ وقت به وقت هلرايا ويا ته جيئن وڌ ۾ وڌ صحت جي پيغام کي ماڻهن تائين پهچائجي ۽ غريب ماڻهو وڌ ۾ وڌ فائدو حاصل ڪري سگهن. انهيءَ سلسلي ۾ اسين پروجيڪٽ کي ڪاميابي سان پايه تڪميل تائين پهچايوسين ۽ وڌ ۾ وڌ ڳوٺائين عورتن کي فائدو رسيو.

سنڌ رورل سپورٽ آرگنائيزيشن جوش ولولي سان تمتار سماج سڌارڪ عملي سان وستين، واهڻن، ڳوٺن ۽ شهرن ۾ سماجي جاڳرتا پيدا ڪرڻ جهڙي اهم مشن سرانجام ڏيندي، عام ٻهراڙي جي غريب ماروئڙن ۾ سماجي بيداري جهڙي اهم پيغام ڏيڻ ۾ ڏينهن رات مشغول آهي، ته جيئن ذهني اوسر واري عمل مان گذرندي غريبن کي سٺي صحت رکڻ جا انمول مشورا ڏنا وڃن. ان سان اسان جا ٻار، مائرون، معاشرو، گهر ۽ ڳوٺ نه فقط تندرست رهندا پر وطن عزيز جي ترقي لاءِ پڻ اهم ڪم سرانجام ڏئي سگهندا.

ٽيڪنالاجي کان محروم رهجي ويا. ان ڪري آباد ٿيل زمينن غيرآبادي جو روپ ڌاري ڏڪار واري ڏائڻ جو ڏيک ڏيکاريو.



## ڪلرائين ۽ غيرآباد زمينن جو چارٽ

| | |
|---|---|
| ٺٽو | 311336 ايڪڙ |
| حيدرآباد | 156680 ايڪڙ |
| سکر | 82995 ايڪڙ |
| لاڙڪاڻو | 79851 ايڪڙ |
| جيڪب آباد | 78967 ايڪڙ |
| دادو | 752489 ايڪڙ |
| سانگهڙ | 64700 ايڪڙ |
| ٿرپارڪر | 65060 ايڪڙ |
| خيرپور | 50364 ايڪڙ |
| نواب شاهه | 47813 ايڪڙ |
| **ٽوٽل** | **16,90,255** |

تازين آفتن ٻوڏن برساتن جي ڪري ڪنڌڪوٽ ڪشمور، جيڪب آباد، شڪارپور، قمبر شهدادڪوٽ، دادو وغيره ۾ 25 لک ايراضي تي بيٺل فصل تباهه ٿي ويا ۽ مسلسل بارشن لکها ايڪڙ زمين کي ڪلر ۽ بنجر ڪري ڇڏيو. اهڙي سبب ڪري اناجي فصلن جي ڪوٽ ٿي پئي ۽ هن وقت ماڻهن خوراڪ جي حوالي سان عدم تحفظ جو شڪار آهن. هن وقت پوري پاڪستان ۾ پوڻا 2 ڪروڙ ايڪڙ زمين غيرآباد آهي.

**زمين غيرآباد ٿيڻ جا سبب:**

1. قدرتي آفتون، ٻوڏون، زلزلا ۽ مسلسل بارشون.
2. ماحول، موسميات جي تبديلي جهڙوڪ ساحل سمنڊ بدين ڪراچي وارا علائقا.
3. گرم ۽ خشڪ آبهوا، سمنڊ سان ويجهڙائپ
4. زمين جو غير هموار هجڻ.
5. آب پاشي واري پاڻي جي عدم موجودگي.
6. ڪارخانن ۽ بلديات جو خارج ٿيندڙ زهريلو پاڻي ۽ مواد (اوباوڙ، ڌهرڪي)
7. جر جو پاڻي.
8. پاڻيء ۾ لوڻيات جو اضافي مقدار
9. وڏي زميندار جو غير حاضر هجڻ وغيره وغيره.
10. پاڻي جي غلط انتظام ڪاري، جتي گهڻو پاڻي ڀيهجي وڃي ٿو تنهن زمين ۾ لوڻيات پيدا ٿئي ٿي.



**ڪلراٺي زمينن جا 3 قسم ٿين ٿا.**

1. اڇي ڪلر واريون زمينون Saline White Alkali Soil
2. ڪاري ڪلر واريون زميون Sodic Soils
3. اڇي ۽ ڪاري ڪلر واريون گڏيل زمينون Saline -Sadic Soils

مٿين زمينن ۾ ڳرندڙ لوڻن جو جهجهو تعداد ۽ سوڊيم ڪلورائيڊ ۽ سلفيٽ وارا لوڻ جهجهي تعداد ۾ موجود هوندا آهن. اهڙن زمينن

ميٽر تي رکيو ويندو آهي.

هن فصل کي وٽ تي ٻه پوکيو ويندو آهي ۽ تکڙي ڦوٽهڙي لاءِ ٻج کي سڄي رات ۽ ڏينهن پاڻي ۾ پسائي رکيو ويندو آهي.



ڪيميائي ڀاڻ : هڪ ٻوري ڊي.اي.پي، هڪ ٻوري پوٽاش زمين جي تياري دوران پوکائي وقت ڏجن، جڏهن ته ٻي ٻورين في ايڪڙ يوريا ڀاڻ جو هر 60 ڏينهن بعد ڏيڻ گهرجي.

پاڻي: پاڻي فصلن لاءِ آب حيات آهي. جنهن جي ڏيڻ سان مانجهانڊڙي ۾ تکڙي واڌ ٿئي ٿي. شروعاتي ٽن مهينن ۾ فصل کي تکڙا پاڻي ڏجن ۽ فصل جڏهن جوان ٿئي ته هر پندرهين ڏينهن پاڻي ڏيڻ گهرجي.

فائدا: طوفان کي روڪڻ لاءِ فصل جي چئني طرف کان مانجهانڊڙي پوکي وڃي ٿي. عام طور تي ڪمند، سبزين کي مال متاع گدڙ ۽ ٻين نقصان ڏيندڙ جانورن لاءِ هي ديوار جهڙو ڪردار ادا ڪري ٿي. هن فصل جي پنن ۽ گلن کي ڀاڄي طور يا سوپ ٺاهي پيئڻ لاءِ ٻه استعمال ڪيو وڃي ٿو. شاخن ۽ پنن تي چوپائي مال جي چاري لاءِ استعمال ڪيو آهي: ۽ ڪرندڙ پتن مان سائو ڀاڻ زمين کي ازخود ميسر ٿي وڃي ٿو. ڪاٺ، ٻارڻ، گتي ۽ ڪاغذ جون فيڪٽريون هن جي ڳر کي مختلف ڪيميائي مرحلن مان گذاري گتا ۽ ڪاغذ ٺاهيو وڃي ٿو.

هن فصل جي ڦرين کي انسان توڙي جانورن جي غذا طور ٻه استعمال ڪيو وڃي ٿو. ڪچا گونج، ساوا گل ۽ ڦريون غذا طور استعمال ٿين ٿا ۽ انهن مان دوائون پڻ ٺاهي سگهجن ٿيون.

هي فصل مال جي چاري لاءِ نهايت ئي فائديمند آهي. ٻڪريون ۽ رڍون هن مان لذيذ خوراڪ حاصل ڪن ٿيون. ۽ 36-40 فيصد پروٽين حاصل ڪندي جسم جي واڌ ويجهه لاءِ هن فصل مان وٽامنز معدني جزا پڻ حاصل ٿين ٿا. مطلب ته فصل دوا سازي، ڪاغذ گتي، چانؤ لڪڙن جي حاصلات غذا رڱاوت جو سامان، هوا ۽ طوفان جي روڪ ۽ زمين جي زرخيزي لاءِ آبادگارن کي ڪشش ڪندڙ فصل طور سامهون آيو آهي.

في ايڪڙ آمدني : ڏيڍ کان 2 لک روپيه

مانجهانڊڙي جي ڦرين مان ٻج حاصل ڪندي پڻ جهجهو ناڻو حاصل ڪري سگهجي ٿو. پراڻي زماني ۾ سنڌ آبادگار ان کي سڏيو ويندو هيو جيڪو سنا ٻج تيار ڪري وننڊوهيو. هينئر هر فصل مان ٻج ناهڻ، هڪ تجارت اختيار ڪري ورتي آهي. جنهن جي لاءِ سيڊ سرٽيفڪيشن محڪمو ۽ سيڊ ڪارپوريشنس تمام گهٽو ڪم ڪندي آبادگارن کي ڪٽڪ، ڪيهه، سارين، سبزين جا تصديق شده ٻج مختلف پيڪنگ ۾ وڪرو ڪري رهيون آهن.






# سنڌ رورل سپورٹ آرگنائیزیشن

سرسو کامپلیکس - ویجھو تاج پیٹرول پمپ، شکارپور روڈ سکر.

ویب سائیٹ www.srso.org.pk